SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريه 1983

SINDH ORDINANCE NO.V OF 1983

ٽريڊ يونينس جا رجسٽرار (مقررين ۽ حڪمن جي توثيق) (سنڌ) آرڊيننس، 1983

THE REGISTRARS OF TRADE UNIONS (VALIDATION OF APPOINTMENTS AND ORDERS) (SINDH) ORDINANCE, 1983

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. توثيق

Validation

سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريہ 1983

SINDH ORDINANCE NO.V OF 1983

ٽريڊ يونينس جا رجسٽرار (مقررين ۽ حڪمن جي توثيق) (سنڌ) آرڊيننس، 1983

THE REGISTRARS OF TRADE UNIONS (VALIDATION OF APPOINTMENTS AND ORDERS) (SINDH) ORDINANCE, 1983

[14اپريل 1983]

آرڊيننس جنهن ذريعي ٽريڊ يونينس جي رجسٽرارن پاران ڪيل مقررين ۽ جاري ڪيل حڪمن ۽ ڪنيل قدمن جي توثيق ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ٽريڊ يونينس جي رجسٽرارن پاران ڪيل مقررين ۽ جاري ڪيل حڪمن ۽ ڪنيل قدمن جي توثيق ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هينئون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and

1. (1) هن آرڊيننس ٽريڊ يونينس جا رجسٽرار (مقررين ۽ حڪمن جي توثيق) (سنڌ) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

commencement

(2) هن فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن آرڊيننس ۾، جيستائين ڪجهہ مفهوم ۽ مضمون جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(i) "ڊائريڪٽر" مطلب ليبر جو ڊائريڪٽر

(ii) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت

(iii) "رجسٽرار" مطلب انڊسٽريل رليشنز آرڊيننس، 1969 تحت ٽريڊ يونينس جو رجسٽرار

توثيق
Validation

3. جيستائين ڊائريڪٽر ليبر سنڌ کانسواءِ حڪومت طرفان انڊسٽريل رليشنز آرڊيننس، 1969 جي دفعہ 12 تحت ڪو ماڻهو ڪنهن علائقي لاءِ ٽريڊ يونينس جي رجسٽرار طور مقرر ڪرڻ بابت نوٽيفڪيشن نہ ڪيو ويو آهي تہ، ڊائريڪٽر ليبر سنڌ کي سڄي صوبي سنڌ جي ٽريڊ يونينس جو رجسٽرار سمجهيو ويندو ۽ سندس طرفان رجسٽرار طور ڪنيل ڪي بہ قدم يا جاري ڪيل ڪي بہ حڪم، ڪارگر سمجهيا ويندا ۽ انهن کي هميشہ انهيءَ ريت ڪارائتو سمجهيو ويندو.

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.